# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1981

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1981

# ڪراچي واٽر مئنيجمينٽ بورڊ آرڊيننس، 1981

# THE KARACHI WATER MANAGEMENT BOARD ORDINANCE, 1981

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. بورڊ جو قيام
Establishment of the Board

4. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

5. چيف ايگزيڪيوٽو
Chief Executive

6. جنرل مئنيجر
General Manager

7. بورڊ جي عملدارن، صلاحڪارن ۽ ٻئي اسٽاف جي مقرري
Appointment of Officers, Advisers and other Staff of the Board

8. بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board
9. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم ڪار
Powers and functions of the Board
10. آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts
11. بجيٽ
Budget
12. اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Accounts and Audit
13. رهتن جي بازيابي
Recovery of Dues
14. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers
15. حڪومت جون هدايتون
Directions of Government
16. اپيل
Appeal
17. ضمانت
Indemnity
18. قاعدا
Rules
19. ضابطا
Regulations
20. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1981

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1981

# ڪراچي واٽر مئنيجمينٽ بورڊ آرڊيننس، 1981

# THE KARACHI WATER MANAGEMENT BOARD ORDINANCE, 1981

[21 مئي 1981]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ڊويزن ۾ پاڻي جي فراهمي لاءِ بورڊ قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ڊويزن ۾ پاڻي جي فراهمي لاءِ بورڊ قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

باب – 1

شروعاتي (Preliminary)

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي واٽر مئنيجمينٽ بورڊ آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي

| | |
|---|---|
| Definitions | متضاد نہ هجي، تيستائين: |
| | (a) "اٿارٽي" مطلب ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جيڪا 1957 جي صدارتي حڪم نمبر V تحت قائم ڪئي وئي. |
| | (b) "بورڊ" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل ڪراچي واٽر مئنيجمينٽ بورڊ؛ |
| | (c) "ڪارپوريشن" مطلب ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن؛ |
| | (d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ |
| | (e) "جنرل مئنيجر" مطلب بورڊ جو جنرل مئنيجر جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو وقتي طور جنرل مئنيجر جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هجي؛ |
| | (f) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر ۽ جنهن ۾ ان جو چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين بہ شامل آهن؛ ۽ |
| | (g) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۾ بيان ڪيل يا هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطن ۾ بيان ڪيل. |
| | باب۔ II |
| | بورڊ جي جوڙجڪ (Constitution of the Board) |
| بورڊ جو قيام Establishment of the Board | 3. (1) هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ هتي هڪ بورڊ جوڙيو ويندو، جنهن کي ڪراچي واٽر مئنيجمينٽ بورڊ سڏيو ويندو. |
| | (2) بورڊ هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي هن آرڊيننس جي گنجائش موجب ٻنهي قسمن جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ لاءِ اختيار |

سان گڏ لڳاتار وارثي ۽ مشترڪ مهر هوندي، ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهي ٿو ۽ ان خلاف ڪيس ٿي سگهي ٿو.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

4. (1) بورڊ اهڙن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرز تي مشتمل هوندو، جيئن حڪومت مقرر ڪري.

(2) ڊويزنل ڪوآرڊينيشن ڪميٽي، ڪراچي جو چيئرمين بورڊ جو چيئرمين هوندو.

(3) اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جو وائيس چيئرمين هوندو.

(4) جنرل مئنيجر بورڊ جو سيڪريٽري هوندو.

(5) هڪ نان آفيشل ميمبر ٻن سالن لاءِ آفيس رکي سگهندو، جيستائين اهو حڪومت کي خط ذريعي استعيفيٰ نہ ڏئي، يا ڪيس حڪومت طرفان لکت ۾ سبب ڄاڻائي اڳواٽ هٽايو نہ وڃي.

(6) اتفاقي آسامي جي صورت ۾ رهيل مدي لاءِ ان جاءِ تي هڪ ميمبر مقرر ڪيو ويندو.

چيف ايگزيڪيوٽو
Chief Executive

5. جنرل مئنيجر بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ وقت بوقت اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو، جيئن بورڊ طرفان ڪيس سونپيا ويندا.

جنرل مئنيجر
General Manager

6. (1) حڪومت اهڙي اهليت ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب هڪ شخص کي جنرل مئنيجر مقرر ڪندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) جنرل مئنيجر خلاف متعين ٿيل طريقيڪار مطابق انتظامي ڪارروائي ڪري سگهبي.

بورڊ جي عملدارن،

7. (1) بورڊ وقت بوقت حڪومت جي منظوري سان،

صلاحڪارن، عملدارن ۽ ٻيئي اسٽاف جو شيڊول ان جي جوڳي ڪارڪردگي لاءِ تيار ڪري يا روائيز ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙا صلاحڪار، عملدار ۽ اسٽاف اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي مقرر ڪري سگهي ٿو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

صلاحڪارن ۽ ٻئي اسٽاف جي مقرري
Appointment of Officers, Advisers and other Staff of the Board

(2) ذيلي دفعه (1) تحت مقرر ڪيل بورڊ جي ملازمن خلاف متعين ٿيل طريقيڪار مطابق انتظامي ڪارروائي ٿي سگهندي.

(3) اهي سمورا ڪارپوريشن يا اٿارٽي جا ملازم جيڪي واٽر سپلاءِ سان لاڳاپيل خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، اهي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان هڪدم پوءِ بورڊ ڏانهن بدلي ڪيا ويندا يا جيئن حڪومت ڪارپوريشن يا اٿارٽيءَ جي صلاح مشوري سان ڪري ۽ بدلي ٿيل ملازمن کي انهن شرطن شروطن تي رکيو ويندو جيڪي حڪومت مقرر ڪندي پر اهي شرط ۽ شروط بدليءَ کان اڳ وارن شرطن ۽ سهولتن کان گهٽ نه هوندا.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

8. (1) بورڊ جا سمورا فيصلا ان جي گڏجاڻين ۾ بيان ڪيل طريقيڪار موجب ڪيا ويندا.

(2) بورڊ جي سموري ميمبر شپ جو ٻه پاڱي ٽي حصو هئڻ سان گڏجاڻيءَ جو ڪورم پورو هوندو.

(3) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪا ڪارروائي ڪنهن آسامي، يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت غير موثر نه هوندي.

## باب - III

## بورڊ جا اختيار ۽ ڪم ڪار

## Powers and Functions of the Board

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم ڪار
Powers and functions of the Board

9. ان ڪانسواءِ تہ وقتي طور تي لاڳو ڪنهن قانون ۾ ڪجهہ شامل هجي، بورڊ ڪارپوريشن ۾ اٿارٽي ڪانسواءِ هوندو:

(i) اٿارٽي جي فلٽر پلانٽس مان ڪراچي ڊويزن ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ ورهاست جو ذميوار هوندو.

وضاحت: اهو اٿارٽي جو فرض هوندو تہ اها پاڻيءَ جي ذخيري ڪان فلٽر پلانٽس تائين پاڻي مهيا ڪري؛

(ii) فلٽر پلانٽس ڪانپوءِ، پاڻيءَ جي فراهمي سان لاڳاپيل سمورن ڪمن ڪي سنڀالڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(iii) وقت بوقت پاڻيءَ جي حالت معلوم ڪندي ۽ حڪومت ڪي پاڻي وڌائڻ لاءِ نئين اسڪيم جي سفارش ڪندي يا موجوده اسڪيم تي نظرثاني ڪندي؛

(iv) بيان ڪيل طريقي موجب، واهپيدارن ڪي پاڻيءَ جا ڪنيڪشن ڏئي سگهي ٿي يا ٽينڪرن ذريعي پاڻي فراهم ڪري سگهي ٿي؛

(v) بيان ڪيل طريقي موجب پاڻيءَ جو معاوضو اوڳاڙي، وڌائي، گهٽائي يا نظرثاني ڪري سگهي ٿي، بشرطيڪ اهڙو قدم پاڻي جي فراهمي جي "ڪو نقصان نہ ڪو فائدو نہ" جي بنياد تي ڪيو وڃي؛

(vi) هن ڪي پاڻيءَ جو معاوضو اوڳاڙڻ جو اختيار هوندو. جنهن ۾ واهپيدارن ڏانهن اهڙي معاوضي جون رهتون شامل هونديون؛

(vii) هن ڪي رقم جي بازيابيءَ لاءِ اختيار هوندو ۽ يا جيڪڏهن بورڊ طرفان مقرر ڪيل وقت تي رهتون ادا نہ ڪيون وينديون تہ واجب الادا معاوضي جي بيهڻ تي ڏنڊ مڙهڻ جو بہ اختيار هوندو.

## باب – IV
## ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
## Finance, Audit and Accounts

آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts

10. (1) ڪراچي مئنيجمينٽ فنڊ نالي سان بورڊ جو هڪ ڊار فنڊ هوندو.

(2) فنڊس مشتمل هوندا:

(a) حڪومت طرفان مليل گرانٽس ۽ سبسڊي؛

(b) بورڊ طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(c) هن آرڊيننس تحت ڀاڙيءَ جو معاوضو جمع ڪرڻ ۽ ٻيون وڪري جون ڪارروايون، فيس، ڪميشن ۽ ٻين خدمتن جون ادائگيون جمع ڪرڻ؛ ۽

(d) بورڊ طرفان حاصل ڪيل ٻيون سموريون رقمون؛

(3) فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون بورڊ طرفان منظور ڪيل هڪ بئنڪ ۾ جمع ڪيون وينديون.

(4) بورڊ پنهنجا فنڊس ڪنهن وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي سڪيورٽي ۾ يا بورڊ طرفان منظور ڪيل ڪنهن ٻي سڪيورٽي ۾ سيڙائيندو.

بجيٽ
Budget

11. بورڊ جي ساليانی بجيٽ متعين ڪيل طريقيڪار موجب تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي.

اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Accounts and Audit

12. (1) بورڊ پنهنجا اڪائونٽس متعين ڪيل طريقي موجب رکندو يا اهڙو انتظام ڪندو.

(2) بورڊ جا اڪائونٽس مالي سال دوران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو حڪومت طرفان منظور ٿيل چارٽرڊ اڪائونٽس جي فرم طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(3) هر مالي سال جي ختم ٿيڻ جي چار مهينن اندر ذيلي

دفعہ (2) تحت اڪائونٽس جي آڊٽ بابت هڪ بيان (Statement) حڪومت کي پيش ڪرڻو پوندو.

| | |
|---|---|
| رهتن جي بازيابي<br>Recovery of Dues | 13. ڪنهن بہ شخص طرفان بورڊ ڏانهن سموريون رهتون ليند روينيو جي رهتن جي مد ۾ قابل واپسي هونديون. |
| اختيارن جي منتقلي<br>Delegation of Powers | 14. بورڊ عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ حڪومت جي اهڙن حڪمن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، ۽ اهڙين شرطن تي جيڪي بورڊ لاڳو ڪري، چيئرمين، جنرل مئنيجر يا ان جي عملدار يا ملازم ڏانهن پنهنجا ڪي اختيار يا ڪم ڪار يا ان جي ماتحت ڪنهن عملدار يا اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم ڪار سونپي سگهي ٿو. |
| حڪومت جون هدايتون<br>Directions of Government | 15. (1) حڪومت وقت بوقت اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، يا بورڊ کان ڪا معلومات يا ڪاغذ طلب ڪري سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي ۽ اها بورڊ جي ذميواري هوندي تہ اهڙين هدايتن تي اهڙي معلومات ۽ ڪاغذ فراهم ڪري.<br>(2) حڪومت، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪا هجي، جيئن واضح ڪيو ويو هجي، بورڊ کان ڪو بيو ڪم يا ان جي عام رواجي ڪمن کان اضافي ڪم ڪرائي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي. |
| اپيل<br>Appeal | 16. اپيل هيٺين ريت ٿي سگهندي:<br>(a) حڪومت کي بورڊ جي فيصلي بابت؛<br>(b) بورڊ کي سندس ماتحت ڪنهن عملدار يا اختياري بابت؛ |
| ضمانت | 17. ڪو ڪيس يا قانوني ڪارروائي حڪومت، |

Indemnity
بورڊ يا ڪنهن ميمبر، عملدار يا بورڊ جي ملازمن خلاف نہ ٿي سگھندي، جيڪڏهن انهن هن آرڊيننس يا ان تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن تحت سٺي نيت سان ڪجھ ڪيو هجي يا ڪجھ ڪرڻ جو طئي ڪيو هجي.

قاعدا
Rules

18. (1) حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگھي ٿي.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تعصب ڪانسواءِ، قاعدن جو مقصد هوندو:

(i) جنرل مئنيجر، ٻين عملدارن، صلاحڪارن ۽ بورڊ جي اسٽاف جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا جوڙڻ؛

(ii) ملازمن ۽ جنرل مئنيجر سميت انهن جي صلاحيتن، ڪارڪردگي ۽ نظم و ضبط قائم رکڻ ۽ انهيءَ حوالي سان سندن خلاف انتظامي قدم کڻڻ؛

(iii) بورڊ ۽ ڪنهن عملدار يا اختياري جي فيصلن خلاف اپيل فائيل ڪرڻ جو طريقيڪار؛

(iv) پاڻيءَ جو معاوضو اوڳاڙڻ، وڌائڻ،گھٽائڻ يا نظرثاني ڪرڻ جو طريقيڪار؛

(v) ساليانی بجيٽ تيار ڪرڻ ۽ اهڙي نموني اڪائونٽس رکڻ ۽ آڊٽ جو طريقيڪار.

ضابطا
Regulations

19. (1) هن آرڊيننس ۽ قاعدن جي گنجائش موجب، بورڊ حڪومت جي منظوري سان، هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگھي ٿو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تعصب ڪانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪري سگھن ٿا:

(i) بورڊ جون گڏجاڻيون ۽ اهڙين گڏجاڻين جو طريقيڪار؛

(ii) پاڻي جي فراهمي لاءِ بشمول في ادا ڪرڻ بابت درخواستن ڏيڻ جو طريقيڪار.

(iii) پاڻيءَ جو معاوضو وٺڻ ۽ ادائگي ۾ دير ڪرڻ جي صورت ۾ ڏنڊ مڙهڻ جو طريقيڪار.

**رنڊڪون هٽائڻ**
Removal of difficulties

20. جتي هن آرڊيننس جي ڪنهن به گنجائشن کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾، هن آرڊيننس جي عمل ۾ اچڻ جي ٻارنهن مهينن دوران ڪا مشڪل پيش اچي، حڪومت اهڙيون رنڊڪون هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون ڏئي سگهي ٿي.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**